(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين


Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

آگسٽ 2025ع، صفر المُظفر 1447



- حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام
- واپار جا احڪام
- مُفتي عبدالنبي حميدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
- پاڙيسرين کي تڪليف نہ ڏيو
- ننڍي عمر وارا صحابي
- آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو






# تجارت جا احڪام

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## گهر جي بدلي گهر ڪرائي تي وٺڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هن مسئلي بابت عالِم سڳورا ڇا ٿا فرمائن ته منهنجو ذاتي گهر ڪورنگي ۾ آهي، مان اهو ڪرائي تي ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ جنهن کي ڏيڻو آهي، اهو نيو ڪراچي ۾ رهي ٿو، مان ان جو نيو ڪراچي وارو گهر ڪرائي تي وٺندس، ٻنهي جو ڪرايو الڳ مقرر نه هوندو پر ٻئي ڌريون هڪٻئي جو گهر ڪرائي طور استعمال ڪنديون، ڇا ائين ڪرڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** توهان جي سوال ۾ جيڪا صورت بيان ڪئي وئي آهي ته توهان پنهنجو ڪورنگي وارو ذاتي گهر ڪرائي تي ڏيڻ چاهيو ٿا ۽ ان جي بدلي ۾ نيو ڪراچي واري شخص جو گهر ڪرائي تي وٺندا ۽ ٻنهي جو ڪرايو الڳ مقرر نه هوندو پر هڪٻئي جو گهر ڪرائي طور استعمال ڪيو ويندو، ته اهو معاملو جائز ناهي. ڇاڪاڻ ته شرعي مسئلو هي آهي ته منفعت (فائدي) جي بدلي منفعت تي اجارو ان وقت جائز هوندو آهي، جڏهن ٻنهي جي جنس مختلف هجي، جيئن گهر ۾ رهائش جي بدلي زمين فصل لاءِ ڪرائي تي وٺڻ، ۽ جيڪڏهن ٻنهي طرفن کان منفعت جي جنس هڪ ئي هجي ته اهو ناجائز آهي.

### جائز متبادل حل:

مٿي ڄاڻايل صورت ۾ شرعي تقاضا اها آهي ته ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي گهرن جو ڪرايو ماهوار هڪ مقرر رقم جي صورت ۾ طئي ڪن ۽ مهيني جي آخر ۾ طئي ٿيل رقم جو پاڻ ۾ حساب برابر (ادلو بدلو) ڪري ڇڏين، اهڙيءَ طرح اهو معاملو اجاري جي اصول موجب ٿيندو ۽ ڪنهن به قسم جي شرعي خرابي باقي نه رهندي.

مثال طور، ٻنهي هڪٻئي کي پنهنجو گهر ويهه هزار رپيا ماهوار ڪرائي تي ڏنو ته مهيني جي آخر ۾ ٻنهي تي هڪٻئي جا ويهه ويهه هزار رپيا لازمي ٿي ويندا، پوءِ هر هڪ پنهنجا ويهه هزار ٻئي جي ويهه هزارن جي بدلي ۾ طئي ڪري معاملو برابر ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪرايو گهٽ

وڌ مقرر ٿيو آهي تہ جنهن گهر جو ڪرايو وڏيڪ آهي، ان جو مالڪ رڳو واڌو رقم وٺي، اهڙيءَ ريت اهو عقد (معاهدو) اجاري جي اصول مطابق ٿيندو ۽ ڪنهن بہ قسم جي شرعي خرابي بہ باقي نہ رهندي. حضرت علامہ علاؤ الدين حصڪفي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا: ”(الإجارة المنفعة بالمنفعة تجوز إذا اختلفا) جنسا كاستئجار سكنى دار بزراعة ارض (واذا اتحدا لا) تجوز كإجارة السكنى“ يعني: منفعت جي بدلي منفعت تي اجارو ان وقت جائز آهي جڏهن ٻنهي جي جنس مختلف هجي، جيئن ڪنهن گهر ۾ رهائش جي بدلي زمين زراعت لاءِ ڪرائي تي وٺڻ. پر جيڪڏهن ٻنهي جي جنس هڪ ئي هجي تہ اهو جائز ناهي، جيئن رهائش جي بدلي رهائش.

(رد المحتار على الدر المختار، 105/9)

صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا: ”جيڪا شيءِ خريد و فروخت (بيع) جو مُلهہ (ثمن) ٿي سگهي ٿي، اها اجرت بہ ٿي سگهي ٿي، پر اهو ضروري ناهي تہ جيڪا شيءِ اجرت ٿي سگهي اها مُلهہ بہ ٿئي. مثال طور هڪ منفعت ٻي منفعت جي اجرت ٿي سگهي ٿي، جڏهن تہ ٻئي ٻن جنسن جون هجن، ۽ منفعت مُلهہ نٿي ٿي سگهي.“ (بهار شريعت، 108/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ڪير حاصل ڪرڻ لاءِ ڍڳي ڪرائي تي وٺڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هن مسئلي بابت عالِم سڳورا ڇا ٿا فرمائن تہ هڪ ڳئون جيڪا گابو ڏيڻ واري آهي، زيد اها ڳئون بڪر کان هڪ سال لاءِ پنجاهہ هزار رپيا اجرت تي وٺڻ چاهي ٿو، زيد جو اصل مقصد ان ڳئون مان ڪير حاصل ڪري وڪڻڻ آهي، البتہ جڏهن ڳئون گابو ڏيندي تہ ٻہ مهينا ان گابي کي زيد پاليندو، ٻن مهينن کانپوءِ جڏهن گابو ڪير ڇڏي ڏيندو تہ زيد اهو گابو بڪر کي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ ڳئون جي کاڌ خوراڪ ۽ سار سنڀال جا سمورا معاملا زيد پاڻ پنهنجي رقم سان ادا ڪندو. جيڪڏهن سال دوران ڳئون مري وئي تہ ان جي ذميواري زيد تي نہ هوندي ۽ سال پورو ٿيڻ تي زيد، بڪر کي ڳئون واپس ڪري ڇڏيندو، ڇا زيد ۽ بڪر جو اهڙو معاملو ڪرڻ درست آهي؟ نوٽ: بڪر جو ڪير يا ڪير مان حاصل ٿيندڙ ڪمائي سان ڪو بہ تعلق نہ هوندو.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** سوال ۾ بيان ڪيل طريقي موجب زيد ۽ بڪر جو معاهدو ڪرڻ شرعي طور جائز ناهي، ڇاڪاڻ تہ فقهاءِ

کرام هن ڳالهہ جي وضاحت فرمائي آهي تہ ڳئون کي ان کري اجاري تي وٺڻ تہ ان مان کير حاصل کيو وڃي، اهو اجارو ناجائز آهي ۽ چاڪاڻ تہ زيد جو بکر کان ڳئون کرائي تي وٺڻ جو مقصد کير حاصل کري وٺڻ آهي، تنهنکري کير حاصل کرڻ لاءِ زيد جو ڳئون کرائي تي وٺڻ ناجائز آهي.

کنهن شيءِ کي استعمال کري ختم کرڻ (استهلاڪِ عين) تي اجارو ناجائز آهي، جيئن تہ رد المحتار ۾ آهي: "الاجارة اذا وقعت على العين لا تصح" يعني: جڏهن اجارو کنهن شيءِ (عين) کي فنا کرڻ تي ٿئي تہ اهو اجارو ناجائز آهي. (رد المحتار، 106/9)

اعلیٰ حضرت، امامِ اهل سنت، امام احمد رضا خان عليہ الرحمة لکن ٿا: "بنيادي اصول اهو آهي تہ جيئن بيع (خريد و فروخت) جو معاهدو شين جي ذات (اعيان) تي ٿيندو آهي، ايئن ئي اجارو هڪ اهڙو معاهدو آهي جيڪو خالص فائدن (منافع) تي ٿيندو آهي، جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو آهي تہ شيءِ جي ذات مالڪ جي ملڪيت ۾ ئي باقي رهي ۽ کرائيدار ان مان فائدو حاصل کري. اهو اجارو جيڪو خاص کنهن شيءِ ۽ ذات کي استعمال کري ختم کرڻ (استهلاڪ) تي ٿئي، اهو سراسر باطل آهي، سواءِ ان جي جنهن کي شريعت مستثنیٰ کيو آهي، جيئن کير پياريندڙ عورت جو اجارو وغيره، انهيءَ کري جيڪڏهن باغ رهائش جي نيت سان اجاري تي ورتو وڃي تہ جائز آهي، ۽ ڦل کائڻ لاءِ ناجائز، چاڪاڻ تہ رهائش منفعت (فائدو) آهي ۽ ڦل عين (شيءِ جي ذات) آهي، ڳئون کي بار کڻڻ لاءِ اجاري تي ورتو وڃي تہ جائز آهي، کير پيئڻ لاءِ ناجائز، چاڪاڻ تہ بار کڻڻ منفعت آهي ۽ کير عين آهي. (فتاوى رضويہ، 543/19)

صدرالشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: "اهو اجارو جيڪو شيءِ کي استعمال کري ختم کرڻ (استهلاڪِ عين) تي هجي، يعني کرائيدار شيءِ جي ذات ئي حاصل کري وٺي، اهو اجارو ناجائز آهي، مثال طور ڳئون يا مينهن کي اجاري تي ڏنو وڃي تہ جيئن کرائيدار ان جو کير حاصل کري."

(بهار شريعت، 153/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# پنهنجي بزرگن کي ياد رکو

رڪن شوريٰ مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

صفر المظفر اسلامي سال جو ٻيو مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابہ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان 93 جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ صفر المظفر 1439ھ کان 1446ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 12 شخصيتن جو تعارف ملاحظ فرمايو:

## صحابہ ڪرام عليهم الرضوان:

(1) حضرت ابوعبيده بن عمرو بن محصن انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بنو نجار جا چشم و چراغ هئا. سندن شهادت بئر معونہ واري ڏينهن ٿي. هي واقعو صفر 4 ھ ۾ پيش آيو.(i)

(2) حضرت ابوعمره (ثعلبہ يا بشير) بن عمرو بن محصن نجاري انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جليل القدر صحابي هئا، سندن فرزند حضرت عبدالرحمٰن انصاري ڪائنن حديث پاڪ روايت ڪئي، پاڻ غزوه بدر ۽ احد ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪيائون. جنگِ صفين (صفر 37ھ) ۾ مولا علي (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) جي لشڪر ۾ جهاد ۾ شريڪ ٿيا ۽ شهادت جو جام نوش فرمايائون.(ii)

## علماءِ ڪرام رحمهم الله السلام:

(3) اميرالمؤمنين في الحديث حضرت ابو سعيد يحييٰ بن سعيد قطان تميمي بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي پيدائش 120ھ ۽ وفات صفر 198ھ ۾ ٿي، پاڻ امامِ اعظم ابوحنيفہ جهڙن ڪيترن ئي وڏن عالمن کان علم حاصل ڪيائون، پاڻ ٻي صدي هجري ۾ پنهنجي علم، فضل، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪري ممتاز هئا، پاڻ تبع تابعي، ثقہ راوي، حافظ الحديث ۽ قدوة العلماء هئا. پاڻ رزقِ حلال لاءِ ڪپهه جو ڪم ڪندا هئا، ان ڪري ئي امام قطان جي لقب سان مشهور ٿيا. ڪلامِ الاهي جي تلاوت سان خاص لڳاءُ هُين، 20 سال اهڙي طرح گذاريائون جو ڏينهن رات ۾ هڪ ڀيرو قرآن ختم ڪري وٺندا هئا، پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪندا هئا ۽ نفلن جي بہ پابندي ڪندا هئا.(iii)

(4) حضرت شيخ امام سراج الدين ابوعبدالله حسين بن مبارڪ ربعي زَبيدي بغدادي حنبلي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي ولادت 545ھ يا 546ھ ۾ بغداد ۾ ٿي، پاڻ ٽيهہ سالن تائين حديث جي طلب ۾ بغداد، دمشق ۽ حلب جي مشائخ جي خدمتن ۾ حاضر رهيا، علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ حنبلي عالمن جي مدرسة الوزير بغداد جا مدرس مقرر ٿيا،

پاڻ مسلمانن جا عظيم امام، صاحبِ تصنيف، عظيم حنبلي مفتيِ اسلام، محدثِ شام، حليم ۽ فياض هئا. سندن وفات 23 صفر 631ھ تي ٿي، لغت ۽ قراءت ۾ ڪتاب منظومات ۽ فقہ ۾ ڪتاب البلغة تحرير فرمايائون. (iv)

(5) حضرت شيخ شهاب الدين ابوالعباس احمد بن ابوطالب صالحي الحجار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ولادت تقريباً 624ھ ۾ دمشق ۾ ٿي ۽ 25 صفر 730ھ ۾ وفات ڪيائون. پاڻ ڪيترن ئي مشائخ کان استفادو ڪيائون، 630ھ ۾ شيخ حسين بن مبارڪ زبيدي کان صحيح البخاري پڙهي اجازت ورتائون، پاڻ امام الوقت ۽ حافظ الحديث هئا. (v)

(6) مولانا امداد حسين رامپوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي پيدائش 1244ھ ۾ ٿي، سمورا اسلامي علم پنهنجي نندي ڀاء تاج المحدثين علامہ ارشاد حسين رامپوري کان حاصل ڪيائون، بيعت جو شرف علامہ ولي النبي رامپوري کان حاصل ڪيائون، پنهنجي ڀاء کان خلافت ملي، ڀاء جي وفات کانپوءِ سندن جاءِ تي وعظ ڪندا هئا، 27 صفر 1312ھ تي وفات ڪيائون، ڀاء جي قبي ۾ اوپر طرف دفن ڪيا ويا. (vi)

## اولياءِ ڪرام رحمهم الله السلام:

(7) حضرت سيد ابو عمر موسيٰ ثاني بن صالح عبدالله رضا حسني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي پيدائش 6 محرم 221ھ تي مدينه منوره ۾ ٿي ۽ اتي ئي ماهِ صفر 288ھ ۾ وفات ڪيائون، هڪ قول موجب عباسي خليفي مهتدي بالله جي دورِ حڪومت ۾ ڪوفہ يا سويق ۾ 256ھ ۾ شهيد ٿيا. پاڻ حديث جا راوي، زهد ۽ تقويٰ جا پيڪر، صاحبِ استقامت ۽ پنهنجي والدِ گرامي جا خليفا هئا. (vii)

(8) قطب العارفين حضرت خواجہ ابو قاسم علي بن عبدالله گُرگاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ولادت گُرگان، ويجهو طُوس، خراسان رضوي، ايران ۾ تقريباً 350ھ ۾ ٿي ۽ اتي ئي 23 صفر 450ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ ولي ڪامل، اسلامي ۽ عصري علمن جا ماهر ۽ صاحبِ ڪرامت هئا. (viii)

(9) حضرت مولانا ميان محمد امير شاه ڪابلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ولادت رامپور جي محلي زيارت حلقہ والي ۾ ٿي. فارسي ۽ عربي علمن ۾ مهارت حاصل ڪيائون. ميان غلام شاه رامپوري کان بيعت ٿيا. 29 شوال 1247ھ تي چاليهہ ڏينهن جو چلو ڪيائون، محنت ۽ مجاهدي ۾ مشهور هئا. پاڻ انتهائي بااثر، فقير صفت درويش هئا. ڪيترن ئي ماڻهن کانئن بيعت ورتي ۽ ڪين خلافت سان نوازيو ويو. ڪيترائي

ڪتاب لکيائون، جن ۾ رسالو ڪشفيه فارسي زبان ۾، دعوت دعاءِ سيفي فارسي زبان ۾ ۽ تعليم الخواص فارسي زبان ۾ يادگار آهن. 23 صفر 1290ھ تي وصال فرمايائون. ’تذڪره ڪاملانِ رامپور‘ جي مصنف جي والد سندن مزار تعمير ڪرائي، جتي هر سال عرس ٿيندو آهي.[ix]

**(10)** عالم ۽ عارف حضرت ميان تاج محمد قادري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي پيدائش درگاه قادريه ڪٽبار شريف لهڙي، بلوچستان ۾ 1247ھ ۾ ٿي ۽ وصال 7 صفر 1310ھ تي ٿيو. پاڻ عالمِ دين، درسِ نظامي جا مدرس، صاحبِ ڪرامت، مستجاب الدعوات ۽ درگاھ قادريه جا سجاده نشين هئا.[x]

**(11)** حضرت مولانا شمس الدين احمد ميان صاحب رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه علامہ فضل رحمٰن گنج مرادآبادي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جا فرزند، جيد عالمِ دين، شيخ طريقت، فضل ۽ ڪمال جا جامع، باطني علمن جا ماهر، طبعي طور فياض،اعليٰ همت وارا ۽ پنهنجي والد گرامي جا مريد، خليفا ۽ جانشين هئا، سندن وصال پهرين صفر 1335ھ تي ٿيو.[xi]

**(12)** بقية السلف، حضرت سيد شاه ابوالقاسم محمد اسماعيل حسن مارهروي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت 3 محرم 1272ھ تي آستانہ عاليہ مارهره، يو پي، هندستان ۾ ٿي ۽ اتي ئي پهرين صفر 1347ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ حافظِ قرآن، عالمِ دين ۽ شيخِ طريقت هئا، سلسلئہ عاليہ قادريہ جي خلافت پنهنجي ناني، والدِ محترم ۽ حضرت شاه سيد ابوالحسين احمد نوري کان حاصل ٿي، پاڻ برڪاتي خاندان کي ديني تعليم طرف متوجہ ڪيائون، خانداني لائبريري ۽ تبرڪات جي حفاظت جو اهتمام ڪيائون.[xii]

---

(i) الاستيعاب فی معرفۃ الاصحاب، 273/4

(ii) اسد الغابہ، 243/6

(iii) دیکھئے: سیر اعلام النبلا، 110/8 تا 118 - محدثین عظام حیات وخدمات، ص216تا222

(iv) اعلام للزرکلی، 253/2-سیراعلام النبلاء،288/16، 289- شذرات الذہب،250/5

(v) الدرر الکامنۃ، 142/1، 143-البدایۃ والنہایۃ، 403/9

(vi) تذکرہ کاملان رامپور،ص60

(vii) اتحاف الاکابر، ص158-تذکرہ مشائخ قادریہ،ص56

(viii) لمعات کمالات قادریہ و تبرکات خالقیہ، ص 113

(ix) تذکرہ کاملان رامپور،ص 60، 61

(x) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 434/1 تا 436

(xi) مصباح العاشقین، ص20- افضال رحمانی،ص 131، 132

(xii) تاریخ خاندان برکات، ص57تا64-کتبہ مزار




# ”اللہ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ“ جا آداب

مولانا ابو النور راشد علي عطاري مدني

”اللہ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ“ بابت قرآني هدايتن جو ڪجھ حصو گذريل ڀڻ شمارن ۾ شايع ٿي چڪو آهي، باقي آخري حصو ملاحظو فرمايو:

### ”اللہ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ“ جي آداب جي تعليم

#### احسان جتائڻ جي ممانعت:

(7) احسان نہ جتائي، خالص اللہ جي رضا لاءِ خرچ ڪندڙن لاءِ وڏي اجر ۽ خوف ۽ غم کان آزاديءَ جي خوشخبري آهي.

﴿اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ(262)﴾

ترجموڪنزالعرفان: اهي ماڻھو جيڪي پنهنجو مال اللہ جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ پنهنجي خرچ ڪرڻ کان بعد نہ احسان جتائيندا آهن ۽ نہ تڪليف ڏيندا آهن انهن جو انعام انهن جي رب وٽ آهي ۽ انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا.

(پ 3، البقرة: 262)

﴿قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَاۤ اَذًى ؕ وَ اللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ(263)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: چڱي ڳالھ چوڻ ۽ معاف ڪرڻ ان خيرات کان بهتر آهي جنهن کان بعد ستائڻ هجي ۽ اللہ بي پرواھ ، بردبار آهي. (پ 3، البقرة: 263)

#### ناقص ۽ گھٽيا شيءِ ڏيڻ جي ممانعت:

(11) جيڪا بيڪار ۽ ناقص شيءِ انسان پاڻ لاءِ پسند نٿو ڪري، اها اللہ جي راھ ۾ نہ ڏيڻ گھرجي.

﴿وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّاۤ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ(267)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ خرچ ڪندي خاص ناقص مال (ڏيڻ) جو ارادو نہ ڪيو حالانڪ (جيڪڏھن اهو ئي توهان کي ڏنو وڃي تہ) توهان ان کي چشم پوشي ڪندي بغير قبول نہ ڪندؤ ۽ ڄاڻ رکو تہ اللہ بي پرواھ، حمد جي لائق آهي. (پ 3، البقرة: 267)

#### لڪائي خرچ ڪرڻ جي ترغيب:

(13) ڪُلي عام، نيڪ نيتيءَ سان اللہ جي راھ ۾ ڏيڻ تمام سٺي ڳالھ آهي، پر ڳجھي نموني فقيرن جي ضرورت پوري

ڪرڻ سڀ کان بهتر آهي.

﴿اِنۡ تُبۡدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِیَ ۚ وَ اِنۡ تُخۡفُوۡهَا وَ تُؤۡتُوۡهَا الۡفُقَرَآءَ فَهُوَ خَیۡرٌ لَّكُمۡ ؕ وَیُكَفِّرُ عَنۡكُمۡ مِّنۡ سَیِّاٰتِكُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِیۡرٌ(271)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان خيرات ظاهر ڪري ڏيندؤ ته اها ڪهڙي نه چڱي ڳالهه آهي ۽ جيڪڏهن توهان لڪائي فقيرن کي ڏيو ته اهو توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر آهي ۽ الله توهان کان توهان جون ڪجهه برايون مٽائي ڇڏيندو ۽ الله توهان جي ڪمن کان خبردار آهي. (پ 3، البقرة: 271)

### ڏيکاءَ جي مذمت:

(8) الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ رياڪاريءَ کان پاڪ ۽ خلوص ۽ الله جي رضا سان ڀرپور هئڻ گهرجي، نه ته اها اهڙي آهي جيئن ڪنهن پٿريلي جبل تي مينهن وسي، جيڪو ان کي ڪو فائدو نه ڏئي.

﴿یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُبۡطِلُوۡا صَدَقٰتِكُمۡ بِالۡمَنِّ وَ الۡاَذٰی ۙ كَالَّذِیۡ یُنۡفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا یُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَ الۡیَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفۡوَانٍ عَلَیۡهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلۡدًا ؕ لَا یَقۡدِرُوۡنَ عَلٰی شَیۡءٍ مِّمَّا كَسَبُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ لَا یَهۡدِی الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِیۡنَ(264)﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! احسان جتائي ۽ تڪليف پهچائي پنهنجا صدقا برباد نه ڪيو ان شخص وانگر جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ خرچ ڪندو آهي ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان ناهي آڻيندو ته ان جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ لسو پٿر هجي جنهن تي مٽي آهي پوءِ ان تي سخت بارش پئي جنهن ان کي صاف پٿر ڪري ڇڏيو، اهڙا ماڻهو پنهنجي ڪمايل عملن سان ڪنهن به شيءِ تي قدرت نه ماڻيندا ۽ الله ڪافرن کي هدايت ناهي ڏيندو. (پ 3، البقرة: 264)

### نيت جي خلوص جي ساراهه ۽ اجر:

(9) الله جي رضا لاءِ خرچ ڪندڙن جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪنهن جي باغ تي خوب برسات وسي ۽ اهو اڳي کان ٻيڻا ميوا ڏئي.

﴿وَمَثَلُ الَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللّٰهِ وَ تَثۡبِیۡتًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبۡوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتۡ اُكُلَهَا ضِعۡفَیۡنِ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ یُصِبۡهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِیۡرٌ(265)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي رضا مندي چاهڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي دلين کي ثابت قدم رکڻ جي لاءِ خرچ ڪندا آهن انهن جو مثال ان باغ وانگر آهي جيڪو ڪنهن مٿاهينءَ زمين تي هجي ان تي سخت بارش پئي ته ان باغ ٻيڻو ميوو آندو پوءِ جيڪڏهن سخت بارش نه پئي ته هلڪي هلڪي ڦوهار ئي ڪافي

آهي ۽ الله توهان جا ڪم ڏسي رهيو آهي.

(پ 3، البقرة: 265)

(16) الله جي رضا کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ نيت سان الله جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ مناسب ناهي.

﴿وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان الله جي رضا چاهڻ جي لاءِ ئي خرچ ڪيو. (پ 3، البقرة: 272)

## مخلص رهو! الله سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو:

(12) جيڪو ڪجھ بہ الله ڪريم جي راھ ۾ خرچ ڪيو وڃي ٿو، الله ڪريم اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو ۽ ان جو بهترين بدلو عطا فرمائيندو.

﴿وَ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ(270)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان جيڪو خرچ ڪيو يا ڪا باس باسيو الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ظالمن جو ڪو مددگار ناهي.

(پ 3، البقرة: 270)

## خرچ جي صحيح هجڻ جي شرطن جو بيان

## رياڪاري کان پاڪ هجڻ شرط آهي

(22) رياڪاري ۽ ڪفر ۽ بي ايمانيءَ جي حالت ۾ ڪيل خرچ بلڪل فضول ۽ بي فائدو آهي.

﴿مَثَلُ مَا يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيْحٍ فِيْهَا صِرٌّ اَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَاَهْلَكَتْهُ ؕ وَ مَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ(117)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: هن دنياوي زندگي ۾ جيڪو خرچ ڪن ٿا ان جو مثال ان هوا وانگر آهي جنهن ۾ سخت ٿڌ هجي، اها هوا ڪنهن اهڙي قوم جي پوک کي وڃي پهچي جن پنهنجي جانن تي ظلم ڪيو هجي پوءِ اها هوا ان پوک کي هلاڪ ڪري ڇڏي ۽ الله انهن تي ظلم ناهي ڪيو بلڪ اهي پاڻ پنهنجي جانن تي ظلم ڪن ٿا. (پ 4، آل عمران: 117)

(24) رياڪاريءَ سان مال خرچ ڪندڙ شيطان جا ساٿي آهن.

﴿وَ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ لَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَ مَنْ يَّكُنِ الشَّيْطٰنُ لَهٗ قَرِيْنًا فَسَآءَ قَرِيْنًا(38)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو مال ماڻهن کي ڏيکاءُ جي لاءِ خرچ ڪندا آهن ۽ نہ الله تي ايمان آڻيندا آهن ۽ نہ ئي آخرت جي ڏينهن تي (پوءِ انهن جي لاءِ سخت وعيد آهي) ۽ شيطان جنهن جو ساٿي بڻجي وڃي تہ اهو ڪيترو نہ برو ساٿي آهي.

(پ 5، النساء: 38)

## خرچ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي مذمت

(29) سون ۽ چاندي گڏ ڪري رکڻ ۽ الله جي راھ ۾ خرچ نہ ڪندڙن لاءِ دردناڪ

عذاب جي وعيد آهي.

﴿وَ الَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ(34)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهي ماڻهو جيڪي سون ۽ چاندي جمع ڪري رکندا آهن ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ ناهن ڪندا انهن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏيو.

(پ 10، التوبة: 34)

(44) زمين ۽ آسمان جي سيني خزانن جو مالڪ الله ڪريم آهي، پوءِ به ان جي ڏنل مال مان خرچ نه ڪرڻ عتاب جو سبب آهي.

﴿وَ مَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَ ؕ اُولٰٓىٕكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ قٰتَلُوْا ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ(10)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو توهان الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث الله ئي آهي. توهان مان فتح کان پهريان خرچ ڪرڻ وارا ۽ جهاد ڪرڻ وارا برابر نه آهن، اهي بعد ۾ خرچ ڪرڻ وارن ۽ وڙهڻ وارن کان مرتبي ۾ وڏا آهن ۽ انهن سڀني سان الله سڀ کان سٺي شيءِ جو واعدو فرمايو آهي ۽ الله توهان جي ڪمن کان خبردار آهي. (پ 27، الحديد: 10)

## جيڪڏهن خرچ ڪرڻ جي گنجائش نه هجي ته!

(30) جيڪي غربت، مفلسي ۽ تنگيءَ جي باوجود الله ڪريم ۽ ان جي رسول جا خيرخواهه رهن ٿا، جيڪڏهن اهي خرچ نه به ڪن ته انهن کي ڪو نقصان ناهي.

﴿لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَ لَا عَلَى الْمَرْضٰى وَ لَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ(91)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ڪمزورن تي ۽ بيمارن تي ۽ خرچ ڪرڻ جي طاقت نه رکڻ وارن تي ڪو حرج ناهي جڏهن ته اهي الله ۽ ان جي رسول جا خيرخواهه رهن. نيڪي ڪرڻ وارن تي ڪا راهه ناهي ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. (پ 11، التوبة: 91)

## خرچ ڪرڻ جو مثال:

(34) آزاد ۽ مالڪ شخص جيڪو الله ڪريم جي ڏنل مال مان خرچ ڪري ٿو، اهڙي شخص کي الله ڪريم غلام ۽ ماتحت تي فضيلت عطا فرمائي آهي. تنهن ڪري آزاديءَ جي نعمت کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي صفت سان سينگارڻ گهرجي.

﴿ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا یَقْدِرُ عَلٰى شَیْءٍ وَّ مَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ یُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّ جَهْرًاؕ هَلْ یَسْتَوٗنَؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ(75)﴾

ترجموڪنزالعرفان: الله هڪ ٻانهي جو مثال بيان فرمايو جيڪو پاڻ ڪنهن ٻي جي ملڪيت ۾ آهي اهو ڪنهن شيء تي قادر ناهي ۽ هڪ اهو آهي جنهن کي اسان پنهنجي طرفان چڱي روزي عطا فرمائي آهي پوءِ اهو ان مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪندو آهي ڇا اهي سڀ برابر ٿي ويندا سموريون تعريفون الله جي واسطي آهن بلڪ انهن مان گهڻا نہ ٿا ڄاڻن. (پ 14، النحل: 75)

### خرچ ڪرڻ کان انڪار جي مذمت

#### "الله جي راه ۾ خرچ ڪرڻ" کان انڪار، ڪافرن جو طريقو:

**(40) الله جي راه ۾ خرچ ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي.**

﴿وَ اِذَا قِیْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُۙ قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ یَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗۤ ﳓ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ (47)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جڏهن انهن کي فرمايو وڃي ته الله جي ڏنل مان ڪجهه ان جي راه ۾ خرچ ڪيو ته ڪافر مسلمانن کي چوندا آهن ته ڇا اسان ان کي کارايون جنهن کي الله چاهي ها ته کارائي ها توهان ته کليل گمراهي ۾ ئي آهيو. (پ 23، يس: 47)

#### "الله جي راه ۾ خرچ ڪرڻ" کان روڪڻ، منافقت وارو ڪم:

**(45) الله جي راه ۾ خرچ ڪرڻ کان روڪڻ منافقت آهي.**

﴿هُمُ الَّذِیْنَ یَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى یَنْفَضُّوْاؕ وَ لِلّٰهِ خَزَآىٕنُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ لٰكِنَّ الْمُنٰفِقِیْنَ لَا یَفْقَهُوْنَ(7)﴾

ترجموڪنزالعرفان: اهي ئي آهن جيڪي چوندا آهن ته انهن تي خرچ نہ ڪريو جيڪي رسول الله وٽ آهن ايستائين جو اهي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃن حالانڪ آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله جي ئي ملڪ آهن پر منافق سمجهن نہ ٿا. (پ 28، المنافقون: 7)



# نندي عمر وارا صحابي: حضرت محمد بن انس بن فضالہ رَضِیَ اللہُ عَنْھما

مولانا اويس يامين عطاري مدني

نندي عمر ۾ جن خوشنصيب ٻارن کي الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضري جو شرف مليو، انهن ۾ حضرت محمد بن انس بن فضالہ رَضِیَ اللہُ عَنْهما پڻ شامل آهن، اچو! سندن ننڍپڻ جي باري ۾ پڙهي پنهنجي دلين کي صحابہء ڪرام جي محبت سان روشن ڪريون:

## مختصر تعارف:

سندن شمار ننڍي عمر وارن صحابن ۾ ٿئي ٿو، پاڻ حضرت انس بن فضالہ ۽ عيساء بنت حارث جا پٽ آهن، سندن ولادت 1 هجري تي مديني منوره ۾ ٿي.

حضور جن مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽ برڪت جي دعا سان نوازيو:

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جڏهن رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني تشريف فرما ٿيا تہ مان ٻن هفتن جو هيس، مون کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ آندو ويو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي مٿي تي شفقت جو هٿ ڦيرايو ۽ مون کي برڪت جي دعا سان نوازيو.

سندن صاحبزادو حضرت يونس فرمائي ٿو تہ منهنجي والد صاحب وڏي عمر ماڻي هئي، سندن مٿي جا سڀ وار وڏي عمر سبب اڇا ٿي ويا هئا پر اهي وار جتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفقت جو هٿ ڦيرايو هو، اهي اڇا نہ ٿيا هئا.

## حضور سان گڏ حج ڪيو:

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون ڏهن سالن جي عمر ۾ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ حجة الوداع جي موقعي تي حج ڪيو.

## حضور جن ڪجي (ڪتلَ) جو ڇُڳو ڏنو:

حضرت عمرو بن ابي فروه پنهنجي خاندان جي بزرگن کان روايت ڪن ٿا تہ غزوه احد ۾ حضرت انس بن فضالہ شهيد

ڪيا ويا ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ حضرت محمد بن انس کي آندو ويو، حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت محمد بن انس کي ڪتلن جو هڪ (معمولي) ڇُڳو صدقي طور ڏنو، جنهن کي نه ڪپايو ويندو آهي ۽ نه ئي تحفي ۾ ڏنو ويندو آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري وصال وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ تقريبن 10 سالن جا هئا، البته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وصال جي تاريخ اسان کي ڪتابن ۾ ناهي ملي سگهي.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم




# مرحوم مفتي عبدالنبي حميديءَ سان ڪجهه ملاقاتن جو احوال

رڪنِ شوريٰ مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

مرحوم مفتي عبدالنبي حميدي هڪ جيد عالمِ دين، شيخ الحديث، مفسرِ قرآن، مفتي ۽ مُدَرّس، نماڻي ۽ عاجزي پسند طبيعت جا مالڪ، هر دل عزيز ۽ دعوتِ اسلامي جا اهم مبلغ هئا. ڪين اردوءَ کان علاوه عربي ۽ انگريزيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي مڪمل مهارت حاصل هئي. مفتي صاحب جي ولادت 1 آگسٽ 1966ع ۾ پراڻي چشتيان شريف، ضلعي بهاولنگر، پنجاب، پاڪستان جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ سندن وصال 3 شوال المڪرم 1446هه، مطابق 2 اپريل 2025ع بروز اربع ڏکڻ آفريڪا ۾ ٿيو. سندن نمازِ جنازه خميس جي ڏينهن صبح ساڍي ڏهين وڳي سندن شاگرد، مبلغ دعوتِ اسلامي مولانا محمد عثمان عطاري مدني (ملاوي واري) پڙهائي، جنهن ۾ عالمن، مشائخن، مسجدن جي امامن، جامعة المدينہ جي استادن ۽ شاگردن ۽ سڄي ملڪ مان آيل عاشقانِ رسول جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سندن تدفين لوڊيم قبرستان، پريٽوريا (Pretoria)، ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪئي وئي.

## پهرين ملاقات:

راقم الحروف سندن نيڪ ذڪر سڀ کان پهريان دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران، حضرت مولانا حاجي محمد عمران عطاري مُدَّ ظِلُّہُ العالی جي زبانِ مبارڪ مان ٻڌو. 2010ع ڌاري ڪانپوءِ ڪنهن سال هي ڏکڻ آفريڪا مان دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي آيا تہ ساڻن پهرين ملاقات ٿي، ان ڪانپوءِ وارن سالن ۾ بہ ساڻن ڪيترين ئي ملاقاتون ٿينديون رهيون.

## ملاقات مان ظاهر ٿيندڙ تاثر:

اِنهن ملاقاتن مان مون تي سندن جيڪو تاثر قائم ٿيو، اهو هي هو تہ:

(1) پاڻ هڪ بهترين عالمِ دين هئڻ سان گڏوگڏ عالمگير سوچ رکندڙ مبلغ اسلام پڻ هئا.

(2) مفتي صاحب جي هڪ اهم

خصوصيت سندن مثبت سوچ جو انداز هو، غيبت تہ پري جي ڳالھ آهي، هنن ڪڏهن بہ اشارتاً يا ڪنايتاً ڪنهن تنظيمي ذميوار جو منفي تذڪرو يا ساٿ نہ ڏيڻ جي شڪايت نہ ڪئي.

(3) هي پرجوش، پر وقار ۽ سنجيدگيءَ واري شخصيت جا مالڪ هئا.

(4) جذبات ۾ وهي وڃڻ وارو انداز نہ هُين، هي ئي هڪ عالمِ دين ۽ مبلغ جي شخصيت جو حُسن آهي.

## يادگار ملاقاتن جو خلاصو

مفتي صاحب سان جيڪي بہ ملاقاتون ٿيون، تن ۾ عام طور هيٺين ٽن معاملن تي گفتگو ٿيندي رهي:

### (1) غير مسلمن ۾ دينِ اسلام جي ترويج ۽ اشاعت:

مفتي صاحب غير مسلمن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جا ماهر هئا. سندن ذريعي ڪيترائي غير مسلم اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ايمان جي دولت سان مالا مال ٿيا. ان حوالي سان مفتي صاحب جي ذهن ۾ هڪ مڪمل منصوبو هو تہ غير مسلمن کي ڪيئن اسلام جي دعوت ڏني وڃي، اسلام تي سندن ڪهڙا اعتراض هوندا آهن ۽ انهن جا ڪهڙا جواب آهن؟ انهن کي اسلام جي تعليمات کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ڪهڙي قسم جا ڪتاب لکيا وڃن ۽ جڏهن اهي مسلمان ٿي وڃن تہ انهن جي تربيت ڪيئن ڪئي وڃي.

بعد ۾ انهن ئي معاملن تي مفتي صاحب انگريزيءَ ۾ ڪتاب ”ويلڪم ٽو اسلام“ لکيو، ڪجھ عرصي ڪانپوءِ ان جو اردو ترجمو بہ شايع ٿيو. ٻنهي جي اشاعت دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ تان ڪئي وئي.

مفتي صاحب نوَن مسلمانن جي تربيت لاءِ هڪ نصاب بہ ٺاهيو هو. ان جو ذڪر ٿيو تہ راقم الحروف، مفتي صاحب کي عرض ڪيو تہ دعوتِ اسلامي جي اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ جي هڪ عالمِ دين مولانا محمد طاهر ثناء عطاري مدني صاحب بہ اهڙي قسم جو نصاب تيار ڪيو آهي، تہ مفتي صاحب فرمايو: ”اهو مون ڏانهن موڪليو، مان سندن نصاب بہ ڏسي وٺندس.“ غالباً پاڻ اهو ڏسڻ ڪانپوءِ ان جي تعريف بہ فرمائي.

ان ڪانپوءِ، اميرِ اهلِ سنت، علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اجازت ۽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي منظوريءَ سان، دعوتِ اسلامي غير

مسلمن ۾ اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ ”فيضانِ اسلام“ جي نالي سان هڪ خاص شعبو قائم ڪيو. هن شعبي جو مقصد غير مسلمن کي اسلام جي صحيح تعليمات کان آگاهه ڪرڻ هو. پاڪستان کان علاوه سڄي دنيا ۾ ان جا نگران مفتي صاحب مقرر ٿيا. اهڙيءَ طرح مفتي صاحب جي ذهن ۾ جيڪو سالن کان منصوبو هو، ان کي عملي شڪل ڏيڻ جو موقعو ملي ويو. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪيترن ئي ملڪن جو دورو ڪيو، آخري سفر موريشس جو هو.

راقم الحروف وٽ مرڪزي مجلسِ شوريٰ طرفان سڄي دنيا ۾ اسلامي ڀينرن جي ديني ڪم ۽ شعبن جي ذميواري آهي. اسلامي ڀينرن ۾ شعبہ فيضانِ اسلام تحت ٿيندڙ ديني ڪمن کي هٿي ڏيڻ لاءِ مفتي صاحب سان مشاورت رهندي هئي. لاڳاپيل فردن سان گڏ مفتي صاحب سان ڪيترائي ڀيرا باقاعده مشورا بہ ٿيا. ان سلسلي ۾ اسان جو آخري مشورو 13 جولاءِ 2024ع تي ٿيو، جنهن جا نڪتا لکيا ويا. مفتي صاحب انهن کي چيڪ ڪري ان جي ڪجهه تصحيح بہ فرمائي.

30 آڪٽوبر 2024ع تي مفتي صاحب سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ فرمايائون، ”مون کي ڪينسر ٿي ويو آهي، ديني ڪم ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي، اسلامي ڀينرن جي عالمي مجلسِ مشاورت کي پيغام پهچايو تہ منهنجي ٻچڙن جي امڙ (گهر واري) اُمِ عبيد رضا عطاريہ سان رابطي ۾ اچن، تہ جيئن عورتن ۾ فيضانِ اسلام جي ڪم کي اڳتي وڌائي سگهجي.“

### (2) ڪنز الايمان جو انگريزي ترجمو:

مفتي صاحب سان گفتگو جو ٻيو موضوع اعليٰ حضرت امام احمد رضا قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ”ڪنز الايمان في ترجمة القرآن“ جو انگريزي ترجمو هو. مفتي صاحب جو اهو خيال هو تہ مارڪيٽ ۾ موجود ڪنز الايمان جي انگريزي ترجمي کي ڪافي عرصو گذري چڪو آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ نئين نسل جي موجوده حالت مطابق سولي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿئي. پوءِ اهو وقت بہ آيو جو مفتي صاحب اهو ڪم ڪرڻ سان گڏ پنجن جلدن تي مشتمل انگريزي تفسير ”مفتاح الاحسان“ لکيو، جنهن جا ٻہ جلد دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ ڇپائي سينگاري ڇڏيا آهن ۽ باقي ٽي جلد ڇپائيءَ هيٺ آهن.

### (3) مسلڪِ حق اهلِ سنت جو عالمگير ڪم:

مفتي صاحب اسلام ۽ سنيت جو درد

رڪندڙ عالمِ دين هئا. سندن گفتگو مان مسلمانن جي ايمان جي حفاظت جو جذبو جرڪندو هو. مفتي صاحب جو چوڻ هو تہ:

”مون اهلِ سنت جي ڪيترين ئي تنظيمن تحت ديني ڪمن ۾ حصو ورتو آهي، پر جيڪو انداز اميرِ اهلِ سنت علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دعوتِ اسلامي وارن کي ڏنو آهي، ان جي ذريعي بهتر ۽ مؤثر انداز ۾ ديني ڪمن کي سڄي دنيا ۾ ڪري سگهجي ٿو.“

پوءِ پنهنجو تجربو بيان ڪيائون تہ: ”دعوتِ اسلامي سان وابستگيءَ کان اڳ مان امامت، خطابت ۽ تدريس جون خدمتون سرانجام ڏيندو هيس. وابستگيءَ کانپوءِ دينِ اسلام جي تبليغ ۽ ٻين ڪيترن ئي ديني ڪمن جي سعادت نصيب ٿي. ڪيتريون ئي مسجدون ۽ مدرسا ٺهرائڻ ۾ ڪاميابي ملي.“

مفتي صاحب جي هڪ اهم خصوصيت اها هئي تہ هي پنهنجي وس آهر ٻين سان ديني ڪمن ۾ مدد ۽ سهڪار ڪندا هئا. راقم الحروف ۽ مفتي صاحب ۾ ڪڏهن بہ نگران ۽ ماتحت وارو تعلق نہ رهيو، پر جڏهن بہ ڪين ڪا ڳالهہ عرض ڪئي ويندي هئي تہ هو ڀرپور سهڪار ڪندا هئا. هڪ مثال حاضر آهي، وفات کان تقريباً چار مهينا اڳ 25 نومبر 2024ع تي راقم الحروف عرض ڪيو تہ دعوتِ اسلامي جي شعبي اوقات الصلوٰة (هاٿوڪو نالو شعبہ فلڪيات) جي عالمن، استاذ التوقيت مولانا وسيم احمد عطاري مدني ۽ مولانا سيد رحمت علي شاهہ عطاري مدني، خليفہ اعليٰ حضرت، ملڪ العلماء علامہ ظفر الدين محدث بهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪتاب ’توضيح التوقيت‘ جي شرح ’ڪنز التوقيت‘ لکي آهي، ڪم مڪمل ٿي ويو آهي، اوهان ان تي تقريظ لکي ڏيو. سخت بيماريءَ جي باوجود پاڻ ”اِن شاء الله“ لکي موڪليو. هڪ مهيني کانپوءِ 26 ڊسمبر تي ان ڪم بابت راقم الحروف صوتي پيغام موڪليو تہ مفتي صاحب جواب ڏنو: ”بيماري ڪافي وڌي وئي آهي، ڪيموٿراپي جو عمل جاري آهي، ڪيترائي ڀيرا ارادو ڪيم، پر ڪامياب نہ ٿي سگهيس. بهرحال، ڪوشش ڪندس تہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ قلم سان لکي موڪليان، اوهان ان کي ڪمپوز ڪرائي وٺجو.“

وڌيڪ فرمايائون: ”اميرِ اهلِ سنت جي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ جي انگريزي ترجمي جو ڪم شروع ڪيو آهي، پر جيئن ئي وڌيڪ ڪم لاءِ ويهان ٿو، تڪليف وڌي وڃي ٿي،

اوهان دعا ڪريو تہ مان شفاياب ٿي وڃان.“

پوءِ 5 جنوري 2025ع تي پاڻ ”ڪنز التوقيت في شرح توضيح التوقيت“ لاءِ تحسيني ڪلمات لکي موڪلي ڇڏيا ۽ ان ۾ تبديلي جو اختيار بہ ڏنو. راقم الحروف اها تحرير ڪمپوز ڪرائي 18 جنوري 2025ع تي چيڪ ڪرائڻ لاءِ موڪلي تہ ساڳئي ڏينهن جواب ڏنائون ۽ خوشيءَ جو اظهار فرمايائون.

مفتي صاحب سان منهنجو اهو آخري رابطو هو. ان ڪانپوءِ مفتي صاحب اسپتال داخل ٿي ويا ۽ 3 شوال المڪرم 1446هہ مطابق 2 اپريل 2025ع بروز اربع وصال فرمائي ويا.

الله پاڪ مفتي عبدالنبي حميدي صاحب جون ديني خدمتون قبول فرمائي، سندن ڪامل مغفرت فرمائي، جنت الفردوس ۾ بنا حساب ڪتاب جي داخل فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# جن جي حديث ٻڌون ٿا پاڙيسرين کي تڪليف نہ ڏيو

مولانا جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلَا يُؤْذِ جَارَهُ يعني جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، ان کي گهرجي تہ پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف نہ ڏئي.

(بخاري، 105/4، حديث: 6018)

اسان جي آسپاس جا گهر ۽ جيڪڏهن بلڊنگ ۾ رهون ٿا تہ مٿيان ۽ هيٺيان گهر بہ اسان جا پاڙيسري آهن. حديث شريف ۾ آهي تہ چاليهہ گهر پاڙي ۾ شامل آهن.

(مراسيل ابي داؤد، ص 408، حديث: 342)

پيارا ٻارؤ! اسان جو پيارو دينِ اسلام اسان کي زندگي جي هر شعبي ۽ هر فرد بابت تعليم ڏئي ٿو تہ انهن سان اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ رويو ڪيئن هئڻ گهرجي. انهن مان هڪ پاڙيسري بہ آهي، پاڙيسرين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم الله پاڪ ڏنو آهي، جيئن تہ قرآنِ ڪريم ۾ آهي: وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ بِذِی الْقُرْبٰی وَ الْیَتٰمٰی وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ الْجَارِ ذِی الْقُرْبٰی وَ الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتْ اَیْمَانُكُمْ ؕ

۽ ماءُ پيءُ سان چڱو ورتاءُ ڪيو ۽ رشتيدارن ۽ يتيمن ۽ محتاجن ۽ ويجهي پاڙي وارن سان. (پ5، النسآء: 36)

ديني ۽ دنياوي لحاظ سان پاڙيسري جي وڏي اهميت آهي، سٺو پاڙيسري رحمت ۽ برڪت جو سبب هوندو آهي جڏهن تہ خراب پاڙيسري تڪليف ۽ پريشاني جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

پيارا ٻارؤ! اوهين پنهنجن پاڙيسرين لاءِ سٺا بڻجو، انهن کي تڪليف نہ پهچايو، پنهنجي گهر جو ڪچرو وغيره انهن جي دروازي وٽ نہ اڇلايو، هرو ڀرو انهن جو در وڄائي کين پريشان نہ ڪريو، رات جو جڏهن سڀ سمهي

رهيا هجن تہ گھٽين ۾ ڪيڏي ۽ گوڙ ڪري انهن جي تڪليف جو سبب نہ بڻجو، پاڙيسرين جي ٻارن کي بہ تنگ نہ ڪريو ۽ نہ ئي وري انهن سان ويڙهہ جهيڙو ڪريو بلڪ انهن سان سٺي نموني پيش اچو، انهن جي عزت ڪريو، بيمار هجن تہ انهن جي خيريت معلوم ڪريو، جيڪڏهن انهن کي اوهان جي مدد جي ضرورت هجي تہ ضرورت پوڻ تي انهن جي مدد ڪيو. ايستائين جو غير مسلم پاڙيسري سان بہ سٺي سلوڪ سان پيش اچڻ جو حڪم آهي.

الله پاڪ جي هڪ نيڪ ٻانهي حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي غير مسلم پاڙيسري جي غيرموجودگي ۾ رات جو اونداهي سبب ان جو ننڍڙو ٻار روئڻ لڳو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن جي گھر ۾ روشني جو انتظام ڪري ڇڏيو، جڏهن اهو غير مسلم گھر آيو تہ ان جي گھرواري کيس سڄو واقعو ٻڌايو تہ اها سڄي فيملي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سٺن اخلاقن کان متاثر ٿي مسلمان ٿي وئي.

(ڏسو: مراة المناجيح، 6/573، 574)

پيارا ٻارؤ! اوهين بہ شروع ۾ لکيل حديث شريف تي عمل ڪندي پاڙيسرين کي تڪليف نہ ڏيو بلڪ جيترو ٿي سگھي انهن سان سٺي سلوڪ سان پيش اچو.

الله پاڪ اسان کي پاڙيسرين کي تڪليف ڏيڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# پهلوان کي دسي وڌائون

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

اسان جا پيارا نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي معجزانه شان ۽ شوڪت جو اظهار مختلف موقعن تي مختلف سببن ۽ حڪمتن جي ڪري ڪندا هئا، ڪيئي دفعا معجزو ظاهر ڪرڻ جي حڪمت اها به هوندي هئي ته ماڻهو سندن نُبُوَّت جي سچائي کي تسليم ڪن ۽ اسلام جي دائري ۾ اچي وڃن. مڪي ۾ (رُڪانه نالي) هڪ شخص هو جيڪو تمام گهڻو طاقتور هو، ڪُشتيءَ [i] (ملھ) ۾ ماهر هو. ماڻهو پري پري کان ان سان ملھ وڙهڻ ايندا هئا پر ان کان هارائي ويندا هئا، هڪ ڏينهن ڪنهن گهاٽي يا مڪي جي ڪنهن پهاڙي رستي تي ان جو مقابلو رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ٿي ويو. پاڻ سڳورن ڪيس الله پاڪ جو خوف ڏياريندي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني، رُڪانه چيو: اي محمد! ڇا اوهان وٽ ڪا اهڙي نشاني آهي جيڪا اوهان جي سچائيءَ تي دليل هجي؟ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن آءٌ توکي مَلھ ۾ ڪيرائي ڇڏيان ته ڇا تون ايمان آڻيندين؟ رُڪانه چيو: ها، جڏهن ته هڪ روايت موجب مَلھ جو مطالبو رُڪانه پاڻ ڪيو هو. بهرحال رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَلھ لاءِ تيار ٿي وڃ. هن چيو: آءٌ تيار آهيان. پوءِ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي ويجهو ويا ۽ ڪيس زمين تي ڪيرائي ڇڏيائون. رُڪانه حيران رهجي ويو ڇو ته ان جي ويجهو اهو ناممڪن هو ته ڪو ڪيس هارائي سگهي. هن ٻيهر مَلھ جو چئلينج ڏنو، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيو ڀيرو ۽ پوءِ ٽيون ڀيرو به ان سان مَلھ وڙهيا ۽ هر ڀيري ڪيس ڪيرايائون. رُڪانه حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چيائين: يقيناً اوهان جو معاملو ڏاڍو حيرت انگيز آهي ۽ پوءِ هڪ قول موجب هن ان ئي وقت ايمان آندو، جڏهن ته ٻيو قول اهو آهي ته رُڪانه فتح مڪه جي موقعي تي مسلمان ٿيو.

(ڏسو: زرقاني علی المواهب، 101)

حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم باقاعده پهلواني نه ڪندا هئا پر ان جي باوجود رُڪانه جهڙي مشهور پهلوان کي هارائڻ يقيني طور تي حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معجزانه شان جي ئي بدولت هو، نه ته ڪيس ته وڏا وڏا پهلوان به ڪڏهن هارائي نه سگهيا هئا. هن معجزانه واقعي جي روشنيءَ ۾ اسان کي ڪجھ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

نيڪيءَ جي دعوت جو ڪو به موقعو هٿان

وجھ نہ ڏجي.

رستي ويندي بہ جيڪڏھن ڪنھن سان ملاقات ٿئي تہ حالات موجب ان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ گھرجي.

جيڪڏھن خود اعتمادي ۽ الله پاڪ تي يقين ھجي تہ ڏکيو ھدف قبول ڪرڻ ۾ ھٻڪ ۽ گھٻراھٽ ناھي ٿيندي ۽ جيڪڏھن اھي شيون نہ ھجن تہ معمولي ھدف پورا ڪرڻ جي بہ ھمت ناھي ٿيندي.

ھر فرد سان سندس دلچسپي ۽ سندس شعبي مطابق ڳالھائڻ گھرجي تہ جيئن دل جي ڪنجي تائين پھچ ٿئي ۽ اھو ڳالھ يا دليل کي آسانيءَ سان سمجھي ۽ قبول ڪري. پنھنجي حيثيت، صلاحيت، طاقت يا علم ۽ ڪمال جو اظھار فخر ۽ تڪبر لاءِ نہ پر سٺي نيت ۽ نيڪ مقصد سان ڪرڻ گھرجي. ان سان گڏ، جيڪڏھن ڪو اسان کان اسان جي ڳالھ يا اسان جي موقف جو دليل گھري تہ ڪاوڙ ۽ جذبات جو شڪار نہ ٿيڻ گھرجي.

جيڪڏھن اسان ڪنھن کي ھڪ ڀيرو مطمئن ڪري ڇڏيون، پر ان جي باوجود اھو بار بار پنھنجي تسلي ۽ اطمينان جو مطالبو ڪري تہ شرمندگي ۽ بيزاريءَ جو شڪار ٿي ڪاوڙ جو اظھار نہ ڪرڻ گھرجي، پر صبر ۽ تحمل سان ان جي مڪمل تسلي ڪرڻ گھرجي.

جيتوڻيڪ اسان ڪنھن کان بار بار ڪٽي وڃون، پر تڪبر ۽ گھمنڊ ۾ مبتلا نہ ٿيڻ گھرجي، اھا ئي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ھميشہ عملي تعليم رھي آھي.

ٻين کي خير ۽ ڀلائيءَ جي صرف زباني دعوت ڏيڻ ئي ڪافي ناھي، پر ڪڏھن ڪڏھن ان لاءِ عملي ڪوشش بہ ڪرڻي پوندي آھي.

اھا شڪست ۽ ھار جيڪا انسان جون اکيون کولي ڇڏي، حقيقت ڏيکاري، صحيح رخ تي سوچڻ جو موقعو ڏئي، سڌي رستي تي آڻي ۽ اُخروي فائدي جو سبب بڻجي، اھا شڪست ۽ ھار بہ حقيقت ۾ فتح ۽ سوڀ آھي.

باطل جي مقابلي ۾ سوڀ ھميشہ حق ۽ سچائي جي ئي ٿيندي آھي.

انسان جي ننڍين ننڍين ڪوششن جا وڏا وڏا ۽ فائديمند نتيجا بہ نڪرندا آھن.

---

[i] ملھ وڙھڻ جيڪڏھن راند روند ۽ وقت گزاري طور نہ ھجي پر ان لاءِ ھجي تہ جيئن جسم ۾ طاقت اچي ۽ ڪافرن سان وڙھڻ ۾ ڪم اچي، تہ اھو جائز، پسنديده ۽ ثواب جو ڪم آھي، بشرطيڪ ستر پوشيءَ سان ھجي. اڄڪلھ عام طور تي جيڪي شارٽ ڪپڙا پائي مَلھ وڙھي ويندي آھي، جنھن ۾ رانون ظاھر ھونديون آھن، اھو ناجائز آھي.

(ڏسو: بھارِ شريعت، 3/512)



# چوڪرن ۽ ڇوڪرين جا 6 نالا



سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو پنهنجي ٻار کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جي صورت ۾ ڏئي ٿو، تنهنڪري کيس گهرجي تہ ٻار جو نالو سٺو رکي. (جمع الجوامع ،3/285 ، حديث: 8875)

هتي ٻارن ۽ ڇوڪرين لاءِ 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش بيان ڪجن ٿيون:

## چوڪرن جا 3 نالا

| نالو | سڏڻ لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | سعيد | خوش نصيب | اُمُّ المؤمنين رَضِیَ اللهُ عَنْها جو برڪت وارو نالو |
| محمد | بدر | چودهين رات جو پورو چنڊ | صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْها جو برڪت وارو نالو |
| محمد | احمد رضا | احمد جو معنيٰ الله پاڪ جي وڏيڪ تعريف ڪندڙ | امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بابرڪت نالو |

## ڇوڪرين جا 3 نالا

| | نالو | سڏڻ لاءِ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | ميمونہ | برڪت واري | اُمُّ المؤمنين رَضِیَ اللهُ عَنْها جو برڪت وارو نالو |
| | سيما | نشان واري | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنْها جو برڪت وارو نالو |
| | زينت | خوبصورتي | راويہ حديث حضرت زينت بنتِ ابي طليق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها |

(جن جي گهر ۾ پٽ يا نياڻي ولادت ٿئي، اهي چاهين تہ هتي ڏنل نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکي سگهن ٿا.)



# حضرت سيدُنا اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام (ٽين ۽ آخري قسط)

مولانا ابو عبيد عطاري مدني

**حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي وصيت:** حضرت سيدُنا ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام وڏا مهمان نواز هئا، مسڪينن تي رحم ۽ مسافرن تي شفقت فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري ڪيترائي ڏينهن گذري ويا پر ڪو بہ مهمان نہ آيو، جنهن سبب حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام بيچين ٿي ويا ۽ ڪنهن جي مهمان نوازي ڪرڻ لاءِ ٻاهر رستي تي ويهي رهيا. اتان حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام انسان جي صورت ۾ گذريا ۽ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سلام ڪيائون. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جواب ڏنو ۽ پڇيائون: توهان ڪير آهيو؟ ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جواب ڏنو: ڏورانهين پنڌ تان آيو آهيان. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: آءٌ هتي توهان جهڙي ئي ڪنهن شخص جي ڳولا ۾ ويٺو هيس. پوءِ حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جو هٿ پڪڙي چيائون: مون سان گڏ هلو. حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان گڏ هليا ۽ سندن گهر پهچي ويا. حضرت سيدُنا اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏٺو تہ سڃاڻي ويا تہ هي ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام آهن، ان ڪري روئڻ لڳا. حضرت بيبي ساره رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا پنهنجي پٽ حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام جي روئڻ سبب پاڻ بہ روئڻ لڳي. انهن کي روئندي ڏسي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام بہ روئڻ لڳا. آخرڪار ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام اتان هليا ويا. جڏهن روئڻ جو معاملو ڪجهہ گهٽ ٿيو تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ناراض ٿي فرمايو: توهان منهنجي مهمان جي سامهون رنا تہ هو هليو ويو. حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا پيارا بابا! مونکي ملامت نہ ڪريو، هي اوهان جا مهمان نہ هئا، هي ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام هئا. جيڪڏهن مونکي خبر هجي ها تہ هي منهنجي يا منهنجي والده جي روح قبض ڪرڻ آيا آهن تہ آءٌ نہ روئان ها، پر منهنجو گمان اهو ئي هو تہ هو اوهان جي روح

مبارڪ کي قبض ڪرڻ آيا هئا. اوهان اسان کي ڪا وصيت ڪري ڇڏيو. [i] حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي پنهنجي پٽن لاءِ هڪ وصيت هيءَ به هئي: بيشڪ الله توهان لاءِ هي دين چونڊيو آهي، پوءِ توهان هرگز نه مرجو سواءِ ان حالت جي جو توهان مسلمان هجو.[ii] اي الله! اسان جي ايمان جي حفاظت فرماءِ ۽ اسان کي به پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

**نڪاح:** حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي غلام کي موڪلي پنهنجي ڀاءُ جي پوٽي بيبي رِفقا ۽ ان جي دائي ۽ ٻانهين کي گهرائي ورتو، پوءِ پنهنجي پٽ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام (جي نڪاح) جو خطبو پڙهيو ۽ سندن شادي بيبي رِفقا سان ڪرائي ڇڏي.[iii] بيبي رِفقا سان نڪاح وقت حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 40 سال هئي.[iv]

**اولاد:** حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام خواب ۾ ڏٺو ته سندن پنيءَ مان هڪ وڏو وڻ نڪتو، جنهن جون ڪوڙ ساريون ٽاريون ۽ شاخون آهن ۽ هر ٽاريءَ تي هڪ نور آهي. سندن کي خواب ۾ ٻڌايو ويو ته اهي ٽاريون اوهان جي اولاد مان انبياءِ ڪرام آهن. پاڻ سجاڳ ٿيا ۽ پنهنجي گهر واريءَ کي ان خواب بابت ٻڌايو ته هوءَ چوڻ لڳي: اي الله جا نبي! آءٌ حمل سان آهيان ۽ (مونکي لڳي ٿو ته) منهنجي پيٽ ۾ به ٻار آهن.[v] الله ڪريم حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: آءٌ تنهنجي گهر واريءَ جي پيٽ مان به (پٽ يعني) امتون پيدا ڪندس ۽ آءٌ نندي پٽ کي وڏي پٽ کان وڌيڪ مقام ۽ مرتبو عطا ڪندس. ٻئي پٽ جاڙا پيدا ٿيا، پهريان عيص جي ولادت ٿي، پوءِ پنيان حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي.[vi] ڪتابن ۾ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ ڌيءَ جو ذڪر خير به ملي ٿو.[vii]

**اولاد کي دعا ڏنائون:** حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام ، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي هيءَ دعا ڏني: ڀائرن ۾ مقام ۽ مرتبو وڏي وڃي، حضرت يعقوب جي ڳالهه ڀائرن ۽ ٻين قبيلن تي غالب رهي، رزق ۽ اولاد ۾ برڪت ٿي وڃي. جڏهن ته عيص کي هيءَ دعا ڏنائون: زمين اولاد سان ڀرجي وڃي ۽ رزق ۽ ميون جي ڪثرت ٿي وڃي. [viii] عرب ۾ عيصُ، گهاٽي وڻ کي چئبو آهي (ان ڪري عيص بن اسحاق جو نسل تمام گهڻو پکڙجي ويو). [ix] حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جوانيءَ ۾ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي سندن مامي جي علائقي حران ڏانهن موڪلي ڇڏيو هو.[x] پوءِ يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي

الله ڪريم اهلِ ڪنعان لاءِ رسول بڻايو[xi] ۽ پنهنجي والد ۽ قوم وٽ واپس وڃڻ جو حڪم فرمايو.[xii] ان ڪري حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام وٽ واپس آيا ۽ ڪنعان جي سرزمين جي حبرون ڳوٺ ۾ قيام فرمايائون، پوءِ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام بيمار ٿي پيا.[xiii]

**حضرت اسحاق جي وصيت:** حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام هڪ وصيت حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي هيءَ به ڪئي هئي ته ڪنعانين جي ڪنهن به عورت سان شادي نه ڪجانءِ.[xiv]

**اسحاق جي دعا:** ايئن ته انبياءِ ڪرام جون دعائون مقبول ٿينديون آهن، پر خاص طور تي هر نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي هڪ مقبول دعا به عطا ڪئي ويندي آهي. الله ڪريم حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي ڪئي: دعا گهرو، بيشڪ! اوهان جي دعا قبول ڪئي ويندي. حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام هن ريت دعا گهري: اي الله! آءٌ توکان دعا گهران ٿو ته اولين ۽ آخرين مان جيڪو به ٻانهو تو سان ان حال ۾ ملي جو ان توسان ڪنهن کي شريڪ نه ڪيو هجي ته تون ان کي جنت ۾ داخل ڪر.[xv] اي الله! اسان جي ايمان جي حفاظت فرماءِ ۽ اسان کي به حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي هن دعا مان وڏو حصو عطا فرماءِ.

**وفاتِ اقدس ۽ تدفين:** حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام بيت المقدس ۾ ٿي ان مقام تي تدفين جي وصيت ڪئي هئي[xvi] جيڪو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خريد ڪيو هو[xvii] ۽ جتي بيبي ساره رَضِيَ اللهُ عَنْها ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي تدفين ٿي هئي.[xviii] پهريان حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي گهر واري بيبي رِفقا جو انتقال ٿيو، جن جي تدفين حضرت ساره رَضِيَ اللهُ عَنْها جي پر ۾ قبلي جي طرف ٿي. پوءِ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي وفات مبارڪ ٿي.[xix] حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر مبارڪ عمارت جي احاطي ۾ منبر وٽ ٿنيي جي طرف آهي.[xx] ان ئي مقام تي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر مبارڪ به آهي.[xxi] هڪ عرصو گذرڻ کان پوءِ حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان ئي مقام تي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي تدفين ڪئي.[xxii] هڪ قول موجب والده ماجده حضرت بيبي ساره 127 سالن جي عمر ماڻي، جڏهن ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي عمر مبارڪ جا 175 سال گذاريا.[xxiii] حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي دنياوي زندگي 180 سال هئي[xxiv] ۽ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام 147 سالن جي عمر ۾ انتقال فرمايو، جڏهن ته

حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام 120 سالن جي عمر ماڻي هن دنيا مان رحلت فرمائي.(xxv)

**تبرڪات:** حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ چيلهه تي ٻڌڻ لاءِ هڪ سندرو بہ هو، جيڪو سندن عَلَيۡهِ السَّلَام جي وڏي ڏيءَ وٽ رهيو. ياد رهي تہ هيءَ اها ئي ڏيءَ هئي جنهن پنهنجي ڀاءُ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي پٽ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي پرورش ڪئي هئي. هيءَ پنهنجي ڀائٽي حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام سان تمام گهڻي محبت ڪندي هئي.( xxvi) حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام جي ان سندري مان ماڻهو برڪتون حاصل ڪندا هئا.(xxvii) وصال وقت حضرت اسحاق عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ ڳئون، اٺ، رڍون ۽ ٻڪريون هيون.(xxviii)

**بابرڪت ڪلما:** حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ، حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق عَلَيۡهِم السَّلَام تي ڪجهه ڪلمات پڙهي دم ڪندا هئا، ۽ اهي ئي ڪلما حضور پُرنور، صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنۡهما تي پڙهي ڦوڪيندا هئا. اهي ڪلمات هي آهن: أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّةِ، مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَهَامَّةٍ، وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَامَّةٍ۔ **ترجمو:** آءٌ الله جي ڪامل ڪلمات جي ذريعي هر شيطان، زهريلي جانور ۽ هر بيمار ڪرڻ واري نظر کان پناهہ گهران ٿو.(xxix) الله ڪريم اسان کي حضرت اسحاق ۽ ٻين انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِم السَّلَام ۽ اولياء و صالحين رَضِیَ اللهُ عَنۡهم جي ذڪرِ خير ڪرڻ مان فيض ۽ برڪتون عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

i-- حلية الاولياء، 27/6-العظمة للاصبهانى، ص911تا 913 ملخصاً
ii -- ترجمه كنز العرفان، پ1،البقرة: 132
iii -- البداية والنهاية، 254/1
iv -- البداية والنهاية،277/1
v -- قصص الانبياء للكسائى،ص153
vi-- تاريخ يعقوبى،27/1
vii-- تفسير خازن،36/3،پ13،يوسف، تحت الآية: 77
viii-- البداية والنهاية،277/1
ix -- مرأة المناجيح، 410/6
x -- تاريخ يعقوبى،27/1
xi -- الانس الجليل، 151/1
xii -- البداية والنهاية، 278/1
xiii -- البداية والنهاية، 280/1
xiv -- الانس الجليل، 152/1
xv -- شعب الايمان،476/5،حديث:7328
xvi -- الانس الجليل، 152/1
xvii -- المعارف لابن قتيبه،ص17
xviii -- المعارف لابن قتيبه، ص16
xix -- الانس الجليل،121/1
xx -- الانس الجليل،146/1
xxi -- كتاب الكليات لابى البقاء، ص987
xxii -- تفسير قرطبى،277/5، پ15،الكهف تحت الآية: 21
xxiii -- المعارف لابن قتيبه، ص16
xxiv -- المعارف لابن قتيبه،ص17
xxv -- تفسير روح البيان،324/4،پ13،يوسف تحت الآية:100
xxvi -- تفسير خازن،36/3،پ13، يوسف تحت الآية:77ملخصاً
xxvii-- تفسير كبير، 490/6،پ13، يوسف، تحت الآية:
xxviii -- نهاية الارب فى فنون الادب، 112/13
xxix -- بخارى،429/2،حديث:3371 ملخصاً

# صفرُ المظفر جا ڪجھ اهم واقعا

| تاريخ / مهينو / سال | نالو / واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
| --- | --- | --- |
| 7 صفرُ المظفر 661 ھ | مشهور وليُ الله حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عُرس جو ڏينهن | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439،1440 ھ ۽" فيضانِ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني" |
| 11 صفرُ المظفر 1385ھ | اعليٰ حضرت جي پوٽي حضرت علامہ محمد ابراهيم رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ ۽ 134" خلفاءِ اعليٰ حضرت" |
| 14 صفرُ المظفر 1165ھ | سنڌ جي مشهور ولي ۽ صوفي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عُرس | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1440ھ |
| 17 صفرُ المظفر 1398ھ | اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ محمد الياس قادري جي والده محترمہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْها جو وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ ۽" تعارفِ اميرِ اهلِ سنت، صفحو"15 |
| 19 صفرُ المظفر 1084ھ | حضرت علامہ پير سيد احمد شاهہ ترمذي ڪالپوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ |
| 20 صفرُ المظفر 465 ھ | حضور داتا گنج بخش حضرت سيد علي بن عثمان هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عُرس، | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439،1440 ھ ۽" فيضانِ داتا علي هجويري" |
| 25 صفرُ المظفر 1340ھ | اعليٰ حضرت، مجددِ دين و ملت امامِ اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439تا1446 ھ ۽" فيضانِ امامِ اهلِ سنت" |
| 26 صفرُ المظفر 781 ھ | حضرت شيخ سيد حسن بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ |

| | | |
|---|---|---|
| 28 صفرُ المظفر 1034ھ | حضرت مجددِ الفِ ثاني شيخ احمد فاروقي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ ۽" تذڪرو مجددِ الفِ ثاني" |
| 29 صفرُ المظفر 1356ھ | تاجدارِ گولڙه حضرت علامہ پير سيد مهر علي شاهہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو وصال | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1442ھ ۽" فيضان پير مهر علي شاهہ" |
| صفرُ المظفر04 ھ | بيرِ معونہ جا ( 70صحابہِ ڪرام ڪي بيرِ معونہ جي مقام تي نجد جي ڪافرن شهيد ڪيو) | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1444ھ ۽" سيرتِ مصطفیٰ، صفحو"394 |
| صفرُ المظفر07 ھ | فتح خيبر: زمانهءِ رسالت ۾ 1600 صحابہِ ڪرام خيبر تي 20000 ڪان وڌيڪ ڪافرن سان مقابلو ڪيو، 15 صحابہِ شهيد ٿيا | ماهوار فيضانِ مدينہ صفرُ المظفر 1439ھ ۽" سيرتِ مصطفیٰ، صفحو"380 |

الله پاڪ انهن تي پنهنجي خاص رحمت نازل فرمائي، ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **ماهوار فيضانِ مدينہ** جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين سان بہ ونڊيو.

# اميرِ اهلِ سنّت جا وظيفا

الله

## اولاد کان محرومي جو خاتمو

يَا مَتِيْنُ، فجر ۽ عشاءَ جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا پڙهو.

يَا حَمِيْدُ، ظهر ۽ عصر جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا پڙهو.

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ، مغرب جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا پڙهو.

جيڪڏهن ڌيءُ جي خواهش هوندي ته ڌيءُ ۽ جيڪڏهن پٽ جي خواهش هوندي ته پٽ پيدا ٿيندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم. (مراد پوري ٿيڻ تائين هي عمل جاري رکڻو آهي، هر ڀيري اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهي وٺجو).



الله

## گناهن جو روحاني علاج

يَا مَانِعُ يَا مُعْطِيْ 7 ڀيرا روزانو هر نماز کان پوءِ پڙهو.

گناهن جي عادت ختم ٿي ويندي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم. جڏهن به گناهه ڪرڻ جو خيال اچي ته فوراً پڙهڻ شروع ڪريو. بار بار پڙهڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم گناهه جو ارادو ختم ٿي ويندو. هلندي ڦرندي، اٿندي ويهندي، باوضو ۽ بي وضو پڙهڻ وارو الله پاڪ جي انهن مبارڪ نالن جي برڪت سان نيڪ بڻجي ويندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم.

الله

## دعا جي قبوليت لاءِ

يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ 111 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ)

ڪنهن به جائز مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ (مثال طور حفظِ قرآن، درس نظامي، نيڪ رشتو، نئون ڪاروبار، ڪا شيءِ وڪرو نه ٿيندي هجي وغيره) پڙهي دعا گهرو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم دعا قبول ٿيندي.

الله

## جانور ڪي نظرِ بد کان بچائڻ لاءِ

يَا اللّٰهُ 49 ڀيرا پڙهي جانور (خاص ڪري عيد جي لاءِ خريد ڪيل خوبصورت ڳئون، ٻڪري وغيره) تي دم ڪريو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم نظر نه لڳندي.

## پاڪستان ته الله جي نعمت آهي

نندپڻ کان ڪتابن ۾ پڙهندا پيا اچون ته انگريز برصغير ۾ واپار جي ارادي سان آيا ۽ آهستي آهستي برصغير تي قابض ٿي ويا، پوءِ برصغير ۾ رهندڙ ٻن وڏين قومن تي حڪمراني ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح اسان هڪ غلام قوم بڻجي وياسين. مان وڌيڪ تفصيل ۾ نه ٿو وڃان ، ڇوته اوهان سيني کي ڄاڻ آهي ته ٻه قومي نظريي جي بنياد تي برصغير پاڪ و هند مان پاڪستان ۽ هندوستان ڪيئن ٺهيو؟

اڄ اسان جي قوم انگريزن کان آزاديءَ جو جشن موٽرسائيڪلن جا سائلينسر لاهي، وڏي آواز ۾ لائوڊ اسپيڪر لڳائي، پنهنجا منهن بگاڙي، وات ۾ ڇائنا جا باجا وڄهي ۽ هندوستاني گيتن تي رقص ڪري وڏي شان سان ملهائي رهي آهي. اهو سڀ وساري ته آزاديءَ جي جدوجهد دوران ڪيئن اسان جي مائرن، ڀينرن ۽ ڌيئرن جي عزتن کي پامال ڪيو ويو، ڪيئن لکين نوجوانن جي سينن ۾ نيزا هنيا ويا، ڪيئن بزرگن جي سڄي عمر جي جمع ڪيل ملڪيت ڦُري وئي ۽ ڪيئن ٻارن کي لاوارث ڪيو ويو جو مهاجر ڪئمپن ۾ ٻه انهن جو ڪو وارث نه مليو. بقول شاعر:

”میرے اجداد نے زندگیاں لُٹادیں
میری عورتوں نے عصمتیں گنوادیں

تم کو کیا قدر ہوا ے نوجوان وطن
تم نے سب قربانیاں دریامیں بہادیں“

هي پاڪستان هڪ خدائي نعمت آهي ۽ تاريخ گواهه آهي ته جنهن ٻه ان خدائي واحد جي ڏنل نعمتن جو شڪر ادا ڪيو، خدا ان کي وڌيڪ نوازيو ۽ جن ٻه ان جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي، اهي رسوا ۽ ذليل ٿيا. ۽ اڇو، اي منهنجي وطن جا نوجوانو! هن خدائي نعمت جي حفاظت لاءِ ملڪ جي معيشت کي مستحڪم ڪيون.

ايازعطاري مدني....

978-969-722-835-5
01130314

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net